

سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# مزدورن جا
# 3 حق

18 سيپٽمبر 2025

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **مزدورن جا 3 حق** جي عنوان تحت مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **سخت خطري جي وقت پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو.

اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي **100** ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي شخص نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکيو ويندو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مزدورن جا 3 حق

### آيت مبارڪ

الله پاڪ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ

(پارو: **5**، سورة النساء: **29**)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارو! پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نہ کائو.

---

1... معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

هن آيتِ ڪريمه ۾ ڪنهن جو مال ناحق ڦٻائڻ (مثال طور، مَزدُور جي مَزدُوري ناحق روڪي ڇڏڻ، ڏَڙڪا ڏئي ۽ ڌَمڪايون ڏئي ڪم وڌيڪ ڪرائڻ ۽ اُجرت گهٽ ڏيڻ وغيره) کان منع ڪيو ويو آهي. (1)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بيشڪ توهان جا ڪجهه (مسلمان) ڀائر توهان جا خادم آهن، الله پاڪ انهن کي اوهان جي ماتحت ڪيو آهي، تنهنڪري جنهن جو مسلمان ڀاءُ سندس ماتحت هجي، تنهن کي گهرجي ته ۞ جيڪو پاڻ کائي، اهو ئي ان کي کارائي ۞ جهڙو پاڻ پائي، تهڙو ئي ان کي پارائي ۞ ان تي طاقت کان وڌيڪ بار نه رکي...!! ۞ جيڪڏهن اهڙو ڪم ڪرائڻو هجي ته ان ۾ سندس مدد ڪري...!! (2)

## مزدورن جا 3 حق

محنت فروش (يعني اُجرت وٺي ڪم ڪرڻ وارو) کي مَزدُور سڏيو ويندو آهي ۞ مِستري ۞ اليڪٽريشن ۞ پلمبر ۞ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪرڻ وارا ۞ بار کڻڻ وارا وغيره سڀ مَزدُور جي دائري ۾ اچن ٿا. اَلحمدلله! دينِ اسلام مَزدُورن جي لاءِ به دينِ رحمت آهي، اسلام ۾ انهن جا به باقاعده حق مقرر آهن، اچو ته مَزدُورن جا ٽي حق سکون:

### پهريون حق: اُجرت يا مزدوري اڳ ۾ طئي ڪرڻ

**وضاحت :** مثال طور، اليڪٽريشن کان ڪو ڪم ڪرائڻو آهي، ان سان اُجرت اڳ ۾ ئي طئي ڪري ڇڏيو! اهڙي طرح رِڪشا يا گاڏي وغيره تي سفر ڪرڻو آهي، انهن سان به اُجرت اڳ ۾ طئي ڪريو! اهو چئي ڇڏڻ ته جيڪو مناسب هجي سو وٺجان يا ڪجهه به طئي نه ڪرڻ، اهو طريقو درست نه آهي ۽ اڪثر ڪري اهو جهيڙي جو سبب به بڻجندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن اَجير کي اُجرت تي رکو ته ان کي اُجرت اڳ ۾

1... تفسیر روح المعانی، پارہ:5، سورۃ النساء، تحت آیت:29، جلد:3، صفحہ:22۔
2... بخاری، کتاب العتق، باب قول النبی العبید اخوانکم، صفحہ:655، حدیث:2545۔

ئي ٻڌائي ڇڏيو.[1]

## ٻيون حق: بَروقت مزدوري ادا ڪرڻ

**وضاحت:** هن ۾ ٻه حق آهن: **(1):** مَزدُور جي اُجرت پوري پوري ادا ڪرڻ **(2):** بَروقت ادا ڪرڻ. ڪجهه نادان ۞ دڙڪا دهمان ڏئي ۞ سختي ڪري ۞ پريشان ڪري مزدورن جي اُجرت ڦٻائي ويندا آهن، اهو سخت گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[2] فرض ڪريو اوهان وٽ رقم موجود نه آهي يا گهٽ آهي ۽ ڪم ڪرائڻ به ضروري آهي ته اڳ ۾ ساڻس طئي ڪريو ته هن وقت پيسا موجود نه آهن، بعد ۾ ڏيندس ۽ اهو مدو به طئي ڪرڻ ضروري آهي. اڳ ۾ ڪم ڪرائي، پوءِ سموري يا اڌ رقم اوڌر ڪرائڻ به درست نه آهي. حديث شريف ۾ آهي: مَزدُور جي مَزدُوري ان جو پگهر سڪڻ کان پهريان ادا ڪريو...![3] (يعني: مَزدُوري ڏيڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪريو...! جنهن وقت تي ڏيڻ طئي ڪيو هو، بِنا ڪنهن دير جي ان وقت ڏئي ڇڏيو...!!)[4]

## ٽيون حق: مزدورن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ

**وضاحت:** ۞ انهن سان مسڪرائي گفتگو ڪرڻ ۞ عزت سان پيش اچڻ ۞ اَڙي، اوڙي وغيره جهڙن غيرمُهذب لفظن سان ڪين مخاطب نه ڪرڻ ۞ مناسب موقعي تي چانهه، ڪاڌو، پاڻي وغيره پيش ڪرڻ ۞ ڪم سنو ڪري يا جيڪڏهن ويچارو غريب آهي ته طئي ٿيل اُجرت کان ڪجهه وڌيڪ ڏيڻ ۞ ڪانئس ڪا خطا ٿي وڃي يا ڪم خراب ٿي وڃي ته معاف ڪري ڇڏڻ وغيره مَزدُورن سان حسن سلوڪ جا مثال آهن. اسان کي گهرجي ته جڏهن به ڪنهن کان اُجرت تي ڪم ڪرايون ته انهن ڳالهين جو خيال رکون، خاص طور تي مَزدُورن جي عزتِ نفس جو لحاظ رکڻ تمام ضروري آهي، ساڻن ڪو به اهڙو لفظ نه ڳالهايون

1...مسندامام اعظم برِوایت ابو نعیم، مراسیل ابراہیم، صفحہ:89۔
2...فتاویٰ رضویہ، جلد:19، صفحہ:455ماخوذاً۔
3...سنن ابن ماجہ، کتاب الرھون، باب اجراالاجراء، صفحہ:392، حدیث:2443۔
4...مرآۃ المناجیح، جلد:4، صفحہ:338۔

يا اهڙو رويو اختيار نہ ڪريون جنهن سان ڪين ذلت محسوس ٿئي. انهن کي پاڻ کان گهٽ يہ نہ سمجهو چوتہ پاڻ کي سنو ۽ ٻين کي گهٽ سمجهڻ تڪبر آهي ۽ تڪبر حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. [1]

## دهرائي

**اڄ اسان مزدورن جا 3 حق سکيا آهن. ذهن نشين ڪري وٺو!**

(1): اُجرت يا مزدوري اڳ ۾ طئي ڪرڻ (2): بَروقت مزدوري ادا ڪرڻ (3): مزدورن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### سخت خطري جي وقت پڙهڻ واري دعا:

اَللّٰهُمَّ اسْتُرْعَوْرَاتِنَا وَاٰمِنْ رَوْعَاتِنَا

**ترجمو:** يا الله اسان جي پردي داري فرماءِ ۽ اسان جي گهبراهٽ کي بي خوفي ۽ اطمينان ۾ بدلائي ڇڏ. [2]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُالْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيح فاطمہ ۽ سُوْرَةُالْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان

1...فتاوی رضویہ، جلد:23، صفحہ:614۔
2...مسند احمد، مسند ابی سعید الخدری، جلد:5، صفحہ:6، حدیث:11288، مدنی پنج سورہ، صفحہ:221۔

بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰةالّليل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ”مدني چينل“ ڏنو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجهہ نہ ڪجهہ جائز ڪمن کان پهريان بسم اللہ پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): اسراف کان بچيؤ؟ (49): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق

مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشاري سان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو **12** پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ تا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟